هفتيوار سنتن ڀري اجتماع ۾ ٿيڻ وارو

# سُنّتن ڀريو بيان

27-October-2016



## هر طرح جو نشو حرام آهي

(SINDHI)

اَلْحَمْدُ لِلّٰهِ رَبِّ الْعٰلَمِيْنَ وَالصَّلٰوةُ وَالسَّلَامُ عَلٰى سَيِّدِ الْمُرْسَلِيْنَ ط

اَمَّا بَعْدُ! فَاَعُوْذُ بِاللّٰهِ مِنَ الشَّيْطٰنِ الرَّجِيْمِ ط بِسْمِ اللّٰهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِيْمِ ط

اَلصَّلٰوةُ وَ السَّلَامُ عَلَيْكَ يَا رَسُوْلَ الله وَعَلٰى اٰلِكَ وَ اَصْحٰبِكَ يَا حَبِيْبَ الله

اَلصَّلٰوةُ وَ السَّلَامُ عَلَيْكَ يَا نَبِيَّ الله وَعَلٰى اٰلِكَ وَ اَصْحٰبِكَ يَا نُوْرَ الله

نَوَيْتُ سُنَّتَ الاِعْتِكَاف (مون سنّتِ اعتڪاف جي نيّت ڪئي)

جڏهن بہ مسجد ۾ داخل ٿيو، ياد اچڻ تي نفلي اعتڪاف جي نيّت ڪري ونو، جيستائين مسجد ۾ رهندؤ نفلي اعتڪاف جو ثواب پڻ ملندو رهندو ۽ ضمنًا مسجد ۾ ڪائڻ پيئڻ بہ جائز ٿي ويندو.

## دُرُودِپاڪ جي فضيلت

اميرُالمومنين حضرت سيدُنا علي المُرتَضٰي شيرِ خُدا كَرَّمَ اللهُ تَعَالٰي وَجْهَهُ الْكَرِيم کان روايت آهي تہ رسولُ الله صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن فرمايو: توهان جو مون تي دُرُودِپاڪ پڙهڻ توهان جي دعائن جو محافظ، رَبّ عَزَّوَجَلَّ جي رِضا جو باعث ۽ توهان جي عملن جي پاڪيزگي جو سبب آهي.(1)

گرچہ ہیں بے حد قصور تم ہو عَفُوّ و غفور

بخش دو جُرم و خطا تم پہ کروڑوں دُرود

(حدائقِ بخشش، ص۲٦٦)

صَلُّوا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

منا منا اسلامي ڀائرو! اسان ثواب حاصل ڪرڻ خاطر بيان ٻڌڻ کان پهريان سنيون سنيون نيتون ڪيون ٿا. فرمانِ مصطفيٰ صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم:

1...القول البديع ،البابالثاني في ثواب الصلاة...الخ،ص٢٧٠

www.dawateislami.net

نِيَّةُ الْمُؤْمِنِ خَيْرٌ مِّنْ عَمَلِهٖ. يعني مسلمان جي نيت ان جي عمل کان بهتر آهي.[1]

**ٻہ مدني گُل:** 1 بنا سني نيت جي ڪنهن بہ نيڪ عمل جو ثواب ناهي ملندو.

2 جيتريون سنيون نيتون وڌيڪ، اوترو ثواب بہ وڌيڪ.

## بيان ٻڌڻ جون نيّتون

❁ نگاهون جهڪائي انتهائي توجهہ سان بيان ٻُڌندس ❁ ٽيڪ لڳائي ويهڻ بدران علمِ دين جي تعظيم خاطر جيترو ٿي سگهيو گوڏا ٻيجي ويهندس ❁ ضرورت طور سوڙهو ٿي سِرڪي ٻين جي لاءِ جاءِ ڪُشادي ڪندس ❁ ڌِڪو وغيره لڳو تہ صبر ڪندس، گهورڻ، جهڻڪڻ ۽ اُتڪڻ کان بچندس ❁ صَلُّوا عَلَي الحَبِيب! اُذْكُرُوالله، تُوبُوا اِلَي الله! وغيره ٻُڌي ثواب ڪمائڻ ۽ صدا لڳائڻ وارن جي دِل جوئي (يعني دلداري) جي لاءِ بلند آواز سان جواب ڏيندس ❁ بيان کان پوءِ پاڻ اڳتي وڌي سلام، مُصافحو ۽ اِنفرادي ڪوشش ڪندس.

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيب! صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

**مٺا مٺا اسلامي ڀائرو!** بد قسمتي سان اسان جي مُعاشَري ۾ هڪ تعداد نِت نون نشن جي لَت (بُري عادت) ۾ ڦٿجي چڪو آهي. اهي طرح طرح جا نشا، دِين وايمان، جان و مال ۽ صحت جي لاءِ نهايت تباهہ ڪن آهن، افسوس !ڪو شراب جي نشي ۾ مست آهي تہ ڪو ڀنگ، آفيم، چرس وغيره ۾ پنهنجي زِندگي برباد ڪري رهيو آهي ۽ هڪ تعداد آهي جيڪو سگريٽ، پان، گُٽڪو، مين پوڙي ۾ لڳل آهي.

ان جي استعمال جو بُنيادي سبب بُرن دوستن (نشو ڪرڻ وارن) جي صحبت، وڌندڙ بي روزگاري ۽ ڏينهون ڏينهن وڌندڙ مهنگائي سان گڏوگڏ دِين کان دُوري ۽ قرآن ۽ حديث ۾ بيان ڪيل وعيدن بابت بي خبري بہ آهي .ياد رهي! تہ بيان ڪيل شين مان ڪجھ شيون مثال طور پان گٽڪو، مين پوڙي وغيره

[1] (المعجم الكبير للطبراني، باب السين،سهل بن سعد الساعدی الحديث: 5942، ج 6، ص 185)

جيتوڻيڪ نشو ڏياريندڙ نہ آهن پر ڪنهن نہ ڪنهن طرح سان انساني صحت جي لاءِ نقصان ڪار ضرور آهن. اچو! مختلف قسم جون صِحّت کي نقصان ڏيندڙ ۽ نشي وارين شين جي تباهہ ڪارين جي باري ۾ ٻڌون ٿا تہ جيئن انهن شين جي دِيني ۽ دُنياوي نُقصان ٻڌي اسان جو نئون نسل پنهنجو پاڻ کي انهن شين کي پري رکي ۽ نشي جي آفت ۾ مبُتلا هر شخص بہ پنهنجو پاڻ کي نشي جي هلاڪتن کان بچائڻ جي ڪوشش ڪري. اچو پهرين هڪ حِڪايت ٻڌو

## نشي ڪرڻ وارو سُڌري ويو

حُجّةُ الاسلام، حضرت امام محمد بن محمد بن محمد غزالي رَحْمَةُ الله تَعَالٰي عَلَيه "احياء العلوم" ۾ لکن ٿا: حَضرتِ سيدُنا محمد بن زڪريا غَلابي رَحْمَةُ الله تَعَالٰي عَلَيه فرمائن ٿا: مان هڪ رات حضرت سيدُناابنِ عائشہ رَحْمَةُ الله تَعَالٰي عَلَيه وٽ حاضر ٿيس اهي مغرب نماز جي ادائيگي کان پوءِ مسجد مان نڪري پنهنجي گهر وڃڻ جو اِرادو ڪيو، اوچتو نشي ۾ مدهوش هڪ نوجوان اوهان جي راهہ ۾ آيو جيڪو هڪ عورت کي هٿ سان پڪڙي پاڻ ڏانهن ڇڪي رهيو هو، عورت مدد جي لاءِ پُڪاريو تہ ماڻهو ان نوجوان کي مارڻ جي لاءِ گڏ ٿيا. حضرت سيدُنا ابنِ عائشہ رَحْمَةُ الله تَعَالٰي عَلَيه ان نوجوان کي ڏسي سڃاڻي ورتو ۽ ماڻهن کي چيائون: منهنجي ڀائٽي کي ڇڏي ڏيو. پوءِ پاڻ رَحْمَةُ الله تَعَالٰي عَلَيه جن فرمايو: اي منهنجا ڀائيٽا! منهنجي ويجهو اچ. تہ اهو نوجوان شرمسار ٿيڻ لڳو، تڏهن اوهان اڳتي وڌي ان کي ڳلي لڳايو پوءِ ان کي فرمايائون: مون سان گڏ هلو. هو اوهان سان گڏ هلڻ لڳو ايستائين جو سندن گهر پهچي ويو. پاڻ پنهنجي هڪ غُلام کي فرمايائون: اڄ رات ان کي پاڻ وٽ سمهاريو، جڏهن ان جو نشو ختم ٿئي تہ ان جيڪو ڪجهہ ڪيو آهي، اهو ان کي ٻڌائجو ۽ ان کي مون وٽ آڻڻ کان پهريان وڃڻ نہ ڏجو. پوءِ جڏهن ان جو نشو ختم ٿيو تہ خادم ان کي سڄي

ماجرا بيان ڪئي، جنهن جي ڪري اهو نهايت شرمسار ٿيو ۽ روئڻ لڳو ۽ واپس موٽڻ جو ارادو ڪيو تہ غُلام چيو: سائين جو حڪم آهي تہ توهان کي ان وٽ وٺي وڃان. پوءِ ان نوجوان کي پاڻ رَحْمَةُ الله تَعَالٰي عَلَيه وٽ آندو ويو، پاڻ ان نوجوان کي فرمايائون: ڇا توکي پنهنجي ذات کان شرم نہ آيو؟ ڇا توکي پنهنجي شرافت کان حياء نہ آيو؟ ڇا تون نٿو ڄاڻين تہ تنهنجو والد ڪير آهي؟ تون اللهعَزَّوَجَلَّ کان ڊڄ ۽ جن ڪمن ۾ لڳل آهين انهن کي ڇڏي ڏئي. اهو نوجوان پنهنجو ڪنڌ جهڪائي روئڻ لڳو، پوءِ ان پنهنجو مٿو مٿي ڪڍي چيائين: مان الله عَزَّوَجَلَّ کان عهد ڪيان ٿو، جنهن جي باري ۾ قيامت جي ڏينهن مون کان سوال ٿيندو تہ آئنده ڪڏهن بہ مان نشو ڏياريندڙ شيءِ نہ پيئندس ۽ نہ ئي ڪنهن عورت ۾ هٿ وجهندس ۽ مان رَبّ تعاليٰ جي بارگاهہ ۾ توبهہ ڪيان ٿو. پاڻ رَحْمَةُ الله تَعَالٰي عَلَيه جن فرمايو: منهنجي ويجهو اچ. پوءِ ان جي مٿي تي چمي ڏئي فرمايائون: اي منهنجا پٽ! توهان توبهہ ڪري تمام سٺو ڪيو. ان کان پوءِ اهو نوجوان سندن رَحْمَةُ الله تَعَالٰي عَلَيه جي محفلن ۾ شريڪ ٿيڻ لڳو ۽ سندن کان حديث شريف لکڻ لڳو.[1]

شرابِ محبّت کچھ ایسی پِلا دے کبھی بھی نشہ ہو نہ کم یاالٰہی
مجھے اپنا عاشق بنا کر بنا دے تُو سرتاپا تصویرِ غم یاالٰہی
(وسائلِ بخشش مرمم،ص109)

صَلُّوا عَلَی الْحَبِیب! صَلَّی اللهُ تَعَالٰی عَلٰی مُحَمَّد

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! اوهان ڏٺو تہ نشو ڪيڏي بُري شيءِ آهي، اهو کهڙيون کهڙيون بيهوده حرڪتون ڪرڻ تي اُڀاريندو آهي، هند هند تي انسان کي ذليل ۽ رُسوا ڪرائيندو آهي، ياد رکو! نشو انساني عقل کي زائل ڪندو

1... احياء العلوم، ج٢،ص١١٨٦

www.dawateislami.net

آهي، انسان کي الله عَزَّوَجَلَّ ۽ رسولُ الله صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي ياد کان غافل ڪري نافرماني وارن ڪمن ۾ مبُتلا ڪندو آهي، ماڻهن جي بدخواهي ۽ نُقصان تي أياري ٿو، گار گند ۽ لڙائي جهيڙي تي اُڪسائيندو آهي، بُري ڀلي جي تميز ختم ڪندو آهي، پنهنجي ۽ پرائي جي فرق کي مِٽائي ڇڏيندو آهي، انسان گهرواري ۽ ڀيڻ ۾ بہ مَعَاذَالله عَزَّوَجَلَّ فرق نٿو ڪري سگهي، ايستائين جو ماءُ پيءُ جن پاڻ تڪليفون سهي ان کي نپايو، جوان ڪيو، اُن جي ضرورتن جو خيال رکيو، سڄي زندگي هر غم کان ان کي پري رکيو، ان جي خواهشن تي پنهنجي خواهشن کي قُربان ڪيو، هميشہ پنهنجي خُوشين جي مقابلي ۾ ان جي خُوشين کي عزيز رکيو، پر بُرو ڇٽجي ان نشي کي جو جنهن جي ڪري انسان پنهنجي ماءُ پيءُ جي نہ صرف نافرماني ڪندو آهي بلڪ انهن جي توهين ڪرڻ ۽ اُنهن کي بدترين تڪليف ڏيڻ کان بہ پاسو ناهي ڪندو ۽ ائين انسان نشي جي لَت ۾ مبُتلا ٿي گناهن جو هڪ نہ رُڪڻ وارو سلسلو شروع ڪندو آهي.

بد قسمتي سان اسان جي معاشري ۾ جتي ٻيون گهڻيون ئي بُرائيون عام ٿي رهيون آهن اتي نشي بہ پنهنجون پاڙون نهايت مضبوط ڪري ڇڏيون آهن، اڄ هڪ وڏو تعداد آهي، جيڪو نشي جو عادي آهي. مَرد هجي يا عورت، پوڙهو هجي يا جوان يا ننڍي عمر جو ڇوڪرو، امير هجي يا غريب، آفيسر هجي يا مُلازم، تاجر هجي يا هاري، پڙهيل لکيل هجي يا اڻ پڙهيل مطلب تہ مختلف پيشن، طبقن ۽ عُمرن سان تَعَلُّق رکڻ وارا بي شُمار ماڻهو ڄاڻ اڻڄاڻ ۾ ڪنهن نہ ڪنهن طور تي نشي جي نحوست ۾ بُري طرح سان جڪڙيل آهن. مختلف قسم جا نشا مثلاً ڀنگ، آفيم، چرس، نشي وارا انجيڪشن (Injections) ۽ شراب وغيره ڏينهنون ڏينهن عام ٿيندا پيا وڃن. هاءِ! انسان ڪيتري قدر نادان آهي جو هڪ طرف تہ پنهنجي ئي هٿن سان پنهنجي جان و مال ۽ عزّت

آبرو برباد ڪندو پيو وڃي ۽ ٻئي پاسي الله عَزَّوَجَلَّ ۽ رسولُ الله صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي نافرماني ڪري انهن کي ناراض ڪري پيو. حالانڪ قرآنِ ڪريم ۾ واضح طور تي مال کي فضوليات ۾ خرچ ڪرڻ ۽ پنهنجي پاڻ کي هلاڪت ۾ وجهڻ کان منع ڪيو ويو آهي.جيئن ته سيپارو 15 سوره بني اسرائيل جي آيت نمبر 27 ۾ اللهعَزَّوَجَلَّ ارشاد فرمائي ٿو:

وَ لَا تُبَذِّرْ تَبْذِيْرًا ﴿۲۶﴾ اِنَّ الْمُبَذِّرِيْنَ كَانُوْٓا اِخْوَانَ الشَّيٰطِيْنِ ؕ وَ كَانَ الشَّيْطٰنُ لِرَبِّهٖ كَفُوْرًا ﴿۲۷﴾ (پ۱۵،بني اسرائيل:۲۷)

**ترجمو ڪنزالايمان**: ۽ اجايو خرچ نه ڪر. بيشڪ اجايو خرچ ڪندڙ شيطان جا ڀائر آهن ۽ شيطان پنهنجي رب جو وڏو ناشُڪرو آهي.

۽ سيپاري 2 سوره بقره جي آيت نمبر 195 ۾ ارشاد ٿئي ٿو:

وَلَا تُلْقُوْا بِاَيْدِيْكُمْ اِلَى التَّهْلُكَةِ ۚۛ (پ۲،البقرة:۱۹۵)

**ترجمو ڪنزالايمان**: ۽ پنهنجي هٿان هلاڪت ۾ نه پئو

## اسلام ۾ نشي جي مذمّت

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! اوهان ڄاڻو ته اسلام پنهنجي چاهڻ وارن جي نفعي ۽ نُقصان جو ڪيتري قدر خيال رکيو آهي ۽ دِين ۽ دُنيا جي اعتبار سان نُقصان ڏيندڙ شين کان بچڻ ۽ نفعي وارين شين کي اختيار ڪرڻ جو حڪم ڏنو آهي، اهو ئي سبب آهي جو نشو ڏياريندڙ شين جو استعمال به انتهائي ناپسنديده ۽ ممنوع قرار ڏنو ويو آهي چوته نشو هلاڪت ۽ فضول خرچي جو سبب هئڻ سان گڏوگڏ دِين ۽ دُنيا جي اعتبار سان به گهڻين ئي طِبّي ۽ مُعاشرتي خامين ۽ خرابين جو مجموعو آهي.

الله عَزَّوَجَلَّ قرآنِ ڪريم ۾ ارشاد فرمائي ٿو:

يٰۤاَيُّهَا الَّذِيۡنَ اٰمَنُوۡۤا اِنَّمَا الۡخَمۡرُ وَ الۡمَيۡسِرُ وَ الۡاَنۡصَابُ وَ الۡاَزۡلَامُ رِجۡسٌ مِّنۡ عَمَلِ الشَّيۡطٰنِ فَاجۡتَنِبُوۡهُ لَعَلَّكُمۡ تُفۡلِحُوۡنَ ﴿۹۰﴾
(پ 7 المائده 90)

**ترجموڪنزالايمان**: اي ايمان وارؤ شراب ۽ جوا ۽ بت ۽ تير ناپاڪ ئي آهن شيطاني ڪم انهن کان بچندا رهو من توهان ڪامياب ٿيو

نشي جي نحوست جو اندازو هن ڳالهه مان بہ لڳائي سگهجي ٿو تہ الله عَزَّوَجَلَّ نشي جي حالت ۾ نماز جهڙي عظيم عبادت جي ويجهو وڃڻ کان بہ منع فرمايو آهي. جيئن تہ ارشاد آهي :

يٰۤاَيُّهَا الَّذِيۡنَ اٰمَنُوۡا لَا تَقۡرَبُوا الصَّلٰوةَ وَ اَنۡتُمۡ سُكٰرٰى (پ 5 النساء: 43)

**ترجموڪنزالايمان**: اي ايمان وارؤ نشي جي حالت ۾ نماز جي ويجها نہ وڃو

قرآنِ ڪريم جي علاوه ڪوڙ سارين حديثن ۾ بہ نشو ڏياريندڙ شين کان سختي سان منع ڪيو ويو آهي. اچو ان باري ۾ چار (4) احاديثِ مُبارڪ ٻڌون ٿا:

1. اُمُّ المؤمنين حضرت سَيدَتُنا اُمّ سلمہ رَضِیَ اللهُ تَعَالٰی عَنۡهَا فرمائن ٿيون: نَهٰى رَسُوۡلُ اللّٰهِ صَلَّى اللّٰهُ عَلَيۡهِ وَسَلَّمَ عَنۡ كُلِّ مُسۡكِرٍ وَمُفَتِّرٍ يعني رسولُ الله صَلَّی اللہُ تَعَالٰی عَلَیۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن نشو آڻڻ واري ۽ فتوُر پيدا ڪرڻ واري هر شيء کان منع فرمايو آهي-[1]

2. شهنشاه مدينہ،قرارِ قلب و سينہ صَلَّی اللہُ تَعَالٰی عَلَیۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن ارشاد فرمايو: اَسۡكَرَ كَثِيۡرُهٗ، فَقَلِيۡلُهٗ حَرَامٌ جنهن شيء جو وڌيڪ مقدار نشو آڻي، ان جو گهٽ مقدار بہ حرام آهي.[2]

---

1... ابوداود،ڪتاب الاشربہ،باب النهی عن المسکر،۴۶۱/۳، حديث :۳۶۸۶

2... ابو داود، ڪتاب الاشربۃ، باب النهی عن المسکر ،۴۵۹/۳، حديث:۳۶۸۱

3. هڪ پيري ٽڏي علائقي ۾ رهڻ وارو هڪ صاحب حُضُور عَلَيه الصَّلوٰةُ وَالسَّلَام جي بارگاهہ ۾ حاضر ٿيو ۽ عرض ڪيائين: يارسولَ الله صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم اسان هڪ ٿڌي علائقي ۾ رهون ٿا ۽ اتي سخت ڪم ڪيون ٿا ۽ اسان ڪڻڪ مان هڪ مشروب ناهيون ٿا، جنهن سان پنهنجي ڪم ڪار ۾ ۽ پنهنجي علائقي جي ٿڌاڻ تي قوت حاصل ڪيون ٿا. پاڻ صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن فرمايو چا اهو (مشروب) نشو ڏياريندڙ هوندو آهي؟ عرض ڪيائون: جي ها. فرمايائون: ان کان بچو. عرض ڪيائون: ماڻهو ان کي پيئڻ نہ ڇڏيندا. فرمايائون: جيڪڏهن نہ ڇڏين تہ انهن سان جنگ ڪيو.(1)

4. غيب دان آقا، مکي مدني مُصْطَفٰي صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن فرمايو: لَيَشْرَبَنَّ نَاسٌ مِنْ اُمَّتِى الْخَمْرَ يُسَمُّوْنَهَا بِغَيْرِ اِسْمِهَا يعني ضرور منهنجا اُمّت جا ڪجھ ماڻهو شراب کي ان جو نالو بدلائي پيئندا.(2)

حڪيمُ الامّت حضرت مفتي احمد يارخان نعيمي رَحْمَةُ الله تَعَالٰي عَلَيه فرمائن ٿا: جيڪا شيء بہ نشو ڏئي (اها) پاڻياٺ هجي جيئن شراب (وغيره يا) خشڪ هجي جيئن آفيم، ڀنگ، چرس وغيره اها حرام آهي.(3) تنهنڪري هر طرح جي نشي کان اجتناب (يعني بچڻ) ضروري آهي. اي ڪاش دنياوي نشن مان اسان جي جند ڇُٽي وڃي ۽ اسان تي الله عَزَّ وَجَلَّ ۽ ان جي پياري رسول صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي محبت جو نشو طاري ٿي وڃي.

رہوں مست و بے خود میں تیری وِلا میں　پلا جام　ایسا　پلا　یا الٰہی

---

1... ابو داود، كتاب الاشربة، باب النهى عن المسكر، ٣ /٤٦٠،حديث:٣٦٨٣
2... ابو داود،كتاب الاشربة،باب فى الداذى،٣/٤٦١،حديث:٣٦٨٨
3... مرآة المناجيح،٥/٣٢٩

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِیب! صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلٰی مُحَمَّد

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! قرآن ۽ حديث جي روشني ۾ نشي جي حرام هئڻ بابت ٻڌو، اچو! هاڻي احاديثِ مُبارڪ جي روشني ۾ ان جون ڪجھ وعيدون ٻڌون ٿا تہ جيئن اسان جي دلين ۾ خوفِ خدا پيدا ٿئي ۽ اسان نشي جهڙي بدترين آفت کان خُود بہ پري رهون ۽ پنهنجي معاشري کي بہ ان کان بچايون.

## شراب جي مذمّت

رسولِ اڪرم، نورِ مجسّم صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جن ارشاد فرمايو: اِجْتَنِبُوا الْخَمْرَ فَاِنَّهَا مِفْتَاحُ کُلِّ شَرٍّ يعني شراب کان بچو ڇوتہ اهو هر بُرائي جي ڪنجي آهي.[1]

اَميرُ المُؤمِنِين حضرت سيِّدُنا عثمان غني رَضِیَ اللّٰہُ تَعَالٰی عَنْہُ جن کان روايت آهي تہ مون نبي ڪريم صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جن کي هي فرمائيندي ٻڌو: اُمُّ الْخَبَائث (بُرائين جي ماءُ يعني شراب) کان بچو، ڇوتہ گذريل زماني ۾ هڪ عابد شخص هو، جيڪو ماڻهن کان الڳ ٿلڳ رهندو هو. هڪ عورت ان تي عاشق ٿي وئي ۽ انهيءَ ڏانهن خادمہ کي چورائي موڪليو تہ شاهدي جي لاءِ سڏي اچ. اها سڏي آئي جڏهن گهر جي دروازي مان اندر داخل ٿيندو ويو خادمہ دروازو بند ڪندي وئي، ان ڏٺو تہ اتي هڪ خوبصورت عورت ويٺل آهي، جنهن جي ويجهو هڪ ڇوڪرو آهي ۽ هڪ ٿانو ۾ شراب آهي، ان عورت چيو مون تو کي گواهي جي لاءِ ناهي گهرايو بلڪ ان ڪري سڏايو آهي تہ تون ان ڇوڪري کي قتل ڪر يا مون سان بُرائي ڪر يا وري شراب جو هڪ پيالو پي، جيڪڏهن تون انهن ڳالهين جو انڪار ڪندي تہ مان شور ڪنديس ۽ توکي رُسوا ڪري ڇڏينديس. جڏهن ان ڏٺو تہ مون کي ڪجھ ڪرڻو پوندو تہ چيائين، هڪ پيالو

1… مستدرڪ للحاڪم، ڪتاب الاشربة، باب اجتنبو الخمر …الخ، ٢٠١/٥، حديث: ٧٣١٣

www.dawateislami.net

شراب جو موکي پياري ڇڏ، جڏهن هڪ پيالو پيتائين تہ چوڻ لڳو اچا ڏي، جڏهن گهڻو پيتائين تہ بُرائي بہ ڪيائين ۽ ڇوڪري کي قتل بہ ڪيائين، تنهنڪري شراب کان بچو. خدا جو قسم! ايمان ۽ شراب جي عادت مرد جي سيني ۾ گڏ نٿي سگهي، قريب آهي تہ اِن مان هڪ ٻي کي ڪڍي ڇڏي.[1]

حضور نبي ڪريم،رؤف رَّحيم صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم هڪ موقع تي شراب پيئڻ جي وعيد بيان ڪندي ارشاد فرمايو: هر نشو ڏياريندڙ شيءِ شراب آهي، هر نشو ڏياريندڙ شيءِ حرام آهي ۽ جنهن نشو ڏياريندڙ شيءِ پيتي ان جي 40 ڏينهن جون نمازون گهٽ ڪيون وينديون، پوءِ جيڪڏهن اهو توبهہ ڪري وٺي تہ الله عَزَّ وَجَلَّ ان جي توبهہ قبول ڪندو آهي (۽ هر هر توبهہ ڪرڻ ۽ ٻيهر ان جو اِرتڪاب ڪرڻ واري جي باري ۾ ارشاد فرمايائون) جيڪڏهن چوٿين ڀيرو وري ائين ڪري تہ الله عَزَّوَجَلَّ تي حق آهي تہ ان کي طِيۡنَةُ الْخَبَال مان پيئاري. عرض ڪيو ويو: يارسولَ الله صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم! هي طِيۡنَةُ الْخَبَال ڇا آهي؟ ارشاد فرمايائون: جهنمين جي پونءِ (يعني گند) .[2]

حضرت سَيِّدُنا انس بن مالڪ رَضِيَ اللّٰهُ تَعَالٰى عَنْهُ فرمائن ٿا: رسولُ الله صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن شراب جي باري ۾ ڏهہ (10) شخصن تي لعنت ڪئي: (1) شراب ناهڻ واري تي (2) شراب ناهرائڻ واري تي (3) شراب پيئڻ واري تي (4) شراب کڻڻ واري تي (5) جنهن وٽ شراب کڻائي آندي وئي ان تي (6) شراب پيئارڻ واري تي (7) شراب وڪڻڻ واري تي (8) شراب جي قيمت کائڻ واري تي (9) شراب خريد ڪرڻ واري تي (10) جنهن لاءِ شراب خريد ڪئي وئي ان تي.

حضرت سَيدُنا ابُو اُمامہ رَضِيَ اللّٰهُ تَعَالٰى عَنْهُ کان روايت آهي، رسولُالله صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم

---

1… ابن حبان،کتاب الاشربة، فصل فی الاشربة، ۳۶۷/۷،حديث: ۵۳۲۴
2… ابو داود، کتاب الاشربة،باب النهی عن المسکر، ۴۵۹/۳،حديث:۳۶۸۰

www.dawateislami.net

جن فرمايو: الله عَزَّوَجَلَّ ارشاد فرمائي ٿو: قسم آهي منهنجي عزّت جو! منهنجو جيڪو ٻانهو شراب جو هڪ ڍڪ به پئيندو مان ان کي ايتري ئي پونءِ پيئاريندس ۽ جيڪو ٻانهو منهنجي خوف سبب ان کي ڇڏي ڏيندو مان ان کي حوضِ قُدُس مان پيئاريندس.[1]

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! اُنهن خوش نصيب مسلمانن کي جنّت ۾ شرابِ طهور يعني پاڪيزه شراب پيئاريو ويندو، جيڪي الله عَزَّوَجَلَّ جي رضا جي لاءِ دُنيا ۾ نشو ڏياريندڙ شراب کان بچيا هوندا. اهي پاڪيزه شراب پي ڪري نه چڪرائبا، نه مَتلي(يعني دل ڪچي) ٿيندي، نه الٽي ايندي نه هوش ختم ٿيندو، اهو شراب ڪهڙو هوندو، ٻڌو

سيپارو 30،سُوره مُطَفِّفِين آيت نمبر25 تا 28 ۾ اِرشاد آهي:

يُسْقَوْنَ مِنْ رَّحِيْقٍ مَّخْتُوْمٍ ﴿۲۵﴾ خِتٰمُهٗ مِسْكٌ ؕ وَ فِيْ ذٰلِكَ فَلْيَتَنَافَسِ الْمُتَنَافِسُوْنَ ﴿۲۶﴾ وَ مِزَاجُهٗ مِنْ تَسْنِيْمٍ ﴿۲۷﴾ عَيْنًا يَّشْرَبُ بِهَا الْمُقَرَّبُوْنَ ﴿۲۸﴾

(پ:۳۰، المطففين:۲۵ تا ۲۸)

**ترجموڪنزالايمان**: خالص شراب پيارا ويندا جو مهر لڳائي رکيل آهي ان جي مهر مُشڪ تي آهي ۽ جڳائي ته رغبت ڪرڻ وارا انهيءَ ۾ رغبت ڪن ۽ ان جي آميزش تسنيم مان آهي اهو چشمو جنهن مان ان بارگاه جا مقرب پيئندا آهن

حڪيمُ الامّت مفتي احمد يارخان نعيمي رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰي عَلَيه تفسير ''نور العرفان'' ۾ هنن آيتن جي تحت فرمائن ٿا: رَحِيقٍ مَّخْتُوْم، شرابِ طهور کان علاوه شراب آهي جيڪو بوتلن ۾ پيڪ ڪيل هوندو آهي ۽ شرابِ طهور جي نهر هوندي، شرابِ طهور ته دُنياوي شراب ڇڏڻ جو عيوضو هوندو ۽ هي شراب يعني رَحِيقٍ مَّخْتُوْم عشقِ اِلٰهي ۽ عشقِ مصطفوي پيئڻ جو بدلو هوندو، دنيا ۾ عاشقن ان عشق

---

1… مسند امام احمد، مسند الانصار، حديث ابی امامة الباہلی،ملتقطا،۸/۲۸۶،حديث: ۲۲۲۸۱

www.dawateislami.net

جو شراب پيتو هو، جنهن تي شريعت جي مُهر هئي، انکري انهن کي اتي بہ مُهر لڳل شراب ملندو. جنّت ۾ تي (3) قسم جا شراب هوندا، (1) "شَرَابًا طَهُوْرًا" جنهن جي نهر هر گهر ۾ پهچندي، (2) ’’رَحِيْقٍ مَّخْتُوْم‘‘جيڪو بوتلن ۾ پيڪ هوندو،(3) "تَسْنِيْم" جنهن جا ڪجھ قطرا رَحِيْقٍمَّخْتُوْم ۾ خوشبو جي لاءِ ملايا ويندا اهو اَبرار پيئندا ۽ مقربين خالص تسنيم پيئندا.

مفتي احمد يارخان نعيمي رَحْمَةُ الله تَعَالٰي عَلَيه تفسير"**نورالعرفان**" ۾ وڏيڪ لکن ٿا:

عام جنّتين کي تہ ڪجھ قطرا وجهي ڪري شرابِ طهور يا رَحِيْقٍ مَّخْتُوْم ڏنو ويندو پر مقرب بانها هميشہ خالص تسنيم پيئندا، ڇوتہ انهن جي گهرن ۾ تسنيم جا چشما هوندا، تسنيم جي لذّت ۽ خوشبو مخلوق جي خيال کان وراء آهي، اِنْ شَآءَ الله عَزَّوَجَلَّ پي ڪري خبر پوندي، ربّ عَزَّوَجَلَّ نصيب ڪري.

(نورالعرفان،ص۹۷۴)

شرابِ محبّت کچھ ایسی پلا دے کبھی بھی نشہ ہو نہ کم یااِلٰہی
مجھے اپنا عاشق بنا کر بنا دے تُو سرتاپا تصویرِ غم یااِلٰہی

(وسائلِ بخشش مرمّم،ص109)

صَلُّوْاعَلَى الْحَبِيب! صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

## معاشري تي شراب جا بُرا اثر

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! بيان ڪيل احاديثِ مُبارَڪ جي روشني ۾ اسان شراب نوشي جون انتهائي عبرتناڪ وعيدون ٻڌيون ۽ اهو بہ معلوم ٿيو تہ شراب ايتري قدر بدترين شيء آهي جو ان جي ڪري شرابيءَ کي قيامت ۾ پونء پيئڻو پوندو. اڄو شراب نوشي، ڀنگ ۽ آفيم جا ڪجھ طِبّي ۽ معاشرتي

نُقصانن جي باري ۾ به ٻڌون ٿا .جيئن

## شراب نوشي جا نُقصان:

شراب نوشي جا ڪجھ نُقصان هي آهن: (1) شَراب نوشي جي ڪري ڪروڙين ماڻهو مختلف موتمار (يعني هلاڪ ڪرڻ واري) ۽ خطرناڪ امراض جو شڪار ٿي رهيا آهن. (2)لڪين ماڻهو شراب نوشي جي ڪري هلاڪ ٿي رهيا آهن.(3) گهڻن روڊ حادثن جو سبب شراب پيءُ ڪري گاڏي هلائڻ به آهي. (4) هزارين ماڻهو شرابين جي هٿان بي قصور قتل ۽ غارت گري جو نشانو بڻجي رهيا آهن. (5) لکين عورتون شرابي مڙسن جي ظلم ۽ ستم جو نشانو بڻجنديون آهن ۽ مَعَاذَاللّٰه عَزَّ وَجَلَّ ڪيئي عورتون به ان گناهِ ڪبيره جي نحوست جي وڪڙ ۾ اچي جهنّم جون حقدار بڻجنديون هونديون. اَلْاَمَانْ وَالْحَفِيظ

ان ڪان علاوه پاڪ نسلن جي تباهي، سُستي، بي راه روي، گهرن جي تباهي، آرزوئن جي بربادي ۽ دِماغي صلاحيتن جو نُقصان وغيره به شراب جي نقصانن ۾ شامل آهن. اللّٰه عَزَّوَجَلَّ مسلمانن کي عقلِ سليم ۽ هدايت عطا فرمائي ۽ شراب نوشي جي بُري آفت کان نجات عطا فرمائي.[1]

گنه کرتے ہوئے گر مر گیا تو کیا کروں گا میں | بنے گا ہائے میرا کیا کرم فرما کرم مولیٰ
مسلماں ہوں اگرچہ بد ہوں، سچّے دل سے کرتا ہوں | ترے ہر حکم کے آگے سرِ تسلیم خم مولیٰ
تُو بس رہنا سدا راضی، نہیں ہے تابِ ناراضی | تُو ناخوش جس سے ہو برباد ہے تیری قسم مولیٰ
عطا کر عافیت تُو نَزع و قَبْر و حَشْر میں یاربّ | وسیلہ فاطِمہ زَہرا کا کر لطف و کرم مولیٰ

(وسائلِ بخشش مرمم، ص97،98)

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِیْب! صَلَّی اللّٰهُ تَعَالٰی عَلٰی مُحَمَّد

1… صراطُ الجنان، پ ٧،ج٣/٢٢-٢٣بتغير قليل

www.dawateislami.net

## پنگ جا نُقصان

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! اهڙي طرح پنگ پيئڻ جا بہ گهڻا ئي نُقصان آهن، پنگ هڪ مشهور ٻُوٽي آهي، جيڪا عضون کي بي حِس ڪندي آهي. علاّمہ اِبنِ حجَر مڪي شافعي رَحْمَةُ الله تَعَالٰي عَلَيه فرمائن ٿا: ڪجھ عالم سڳورن رَحِمَهُمُ الله تَعَالٰي ارشاد فرمايو آهي تہ ان کي کائڻ ۾ هڪ سو ويھ (120) دِيني ۽ دُنياوي نُقصان آهن، جن ۾ ڪجھ هي آهن:

(1) پنگ انسان کي گهٽيا سوچ جو مالڪ بڻائيندي آهي(2) فطرتي رَطُوبات کي خُشڪ ڪندي آهي (3) بدن کي طرح طرح جي بيمارين ۾ وڪوڙيندي آهي (4) ان جي ڪري ويسر جي بيماري پيدا ٿيندي آهي (5) مٺو ڦرندو آهي (6) نسل ختم ٿيندو آهي ۽ (7) مَردانہ طاقت ختم ٿي ويندي آهي (8) پنگ اوچتي موت جو سبب بڻجندي آهي (9) عقل کي فاسد ۽ زائل ڪندي آهي (10) تپِ دِق (يعني ٽي بي) ۽ (11)اِسْتِسْقاء(يعني پيٽ ڦوڪجڻ ۽ گهٽي اچ لڳڻ جي) بيماري پيدا ٿيندي آهي(12) فڪر ۽ خيالات خراب ٿي ويندا آهن (13) انسان الله عَزَّوَجَلَّ جي ياد کان غافل ٿيندو آهي (14) راز فاش ڪندو آهي (15) بُرائين جو ارتڪاب ڪرڻ لڳندو آهي (16) ان جو حياء ختم ٿي ويندو آهي (17) تمام گهڻو ڏيکاء ڪندو آهي (18) محبت ختم ٿي ويندي آهي (19) پنگ جي ڪري اهڙو مدهوش ٿيندو آهي جو ڪڏهن ڪڏهن ان جو سِتر(يعني بدن جو اهو حصّو جنهن جو لڪائڻ فرض آهي) تائين کلي ويندو آهي (20) غيرت ختم ٿي ويندي آهي (21)عقل مندي ضايع ٿي ويندي آهي (22) ابليس جو ساٿي بڻجي ويندو آهي (23)نمازن کان غفلت ڪرڻ لڳندو آهي (24) حرام ڪمن جو ارتڪاب ڪندو آهي (25)برص ۽ (26) ڪوڙهہ جو شڪار ٿي ويندو آهي (27) مسلسل بيمار رهڻ لڳندو آهي(28) دائمي زڪام ۾ بہ مبُتلا ٿي ويندو آهي (29) پنگ جي ڪري جگر زخمي، (30) وات بدبو دار ۽ (31) ڏند خراب ٿي ويندا آهن (32) پروئڻ جا

وار ڪِري ويندا (33) ڏند ڦِڪا ۽ (34) نظر ڪمزور ٿي ويندي آهي (35) جسم سُست ٿي ويندو آهي (36) نند گھٽجي ايندي آهي (37) ڪم ڪار ۾ ڪاهلي (سُستي) پيدا ٿيندي آهي (38) پينگ جي ڪري شينهن(گدڙ) ٻڪري ويندو آهي (يعني طاقتورڪمزور ٿي ويندو آهي) (39) عزّت وارو ذليل ٿي ويندو آهي (40) صحت مند، بيمار ٿي ويندو آهي (41) بهادر بُزدل ٿي ويندو آهي (42) انسان حقير ۽ ڪمزور ٿي ويندو آهي (43) جيڪڏهن ان کي ڪارايو وڃي ته ڏاڍو ناهي (44) عطا ڪيو وڃي ته شڪر گُذار نٿو ٿئي (45) جيڪڏهن ڳالهه ڪئي وڃي ته عمل پيرا نٿو ٿئي (46) پينگ زبان جي ماهر کي گونگو ۽ (47) ذهين کي ڪند ذهن بڻائي ڇڏيندي آهي (48) ذهانت کي ختم ڪندي آهي (49) نامردي ۽ (50) لعنت جو وارِث بڻائيندي آهي (51) جنت کان دُوري پيدا ڪندي آهي (52) مرڻ وقت ڪلمه شهادت وساري ڇڏيندي آهي.[1]

صَلُّوْاعَلَى الْحَبِيب! صَلَّى اللّٰه تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

تُوبُوْااِلَى الله اَسْتَغْفِرُالله

صَلُّوْاعَلَى الْحَبِيب! صَلَّى اللّٰه تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

## آفيم جا نُقصان

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! علامه اِبنِ حَجَر مڪي شافعي رَحْمَةُ الله تَعَالٰي عَلَيه پينگ جي انهن قباحتن (بُرائين) ۽ نُقصان بيان ڪرڻ کان پوءِ فرمائن ٿا ته اهي تمام بُرائيون آفيم وغيره ۾ به موجود هونديون آهن بلڪ آفيم وغيره ۾ ان کان گهٽيون آهن جوته ان ۾ صورت بگڙجي ويندي آهي جيئن ته ان کي کائڻ واري

1… جهنم ميں لے جانے والے اعمال،۱/۶۹۲-۶۹۳ملتقطاً و مفہوماً

جي حالت کان مشاهدو ڪري سگهجي ٿو ۽ ان کي ڪائڻ واري جي حالت کان جنهن عجيب شيء جو مشاهدو ڪري سگهجي ٿو: (١) ان ۾ بدن ۾ (٢) عقل جو بگڙجڻ ۾ (٣) ان جو گهٽيا ترين، بوسيده ۽ گندي صورت جي طرف ڦري وڃڻ آهي (۴) آفيم استعمال ڪرڻ جا عادي ماڻهو ڪڏهن به سڌي وات ڏانهن مائل ناهن ٿيندا (۵) مُرُوَّت ۽ اخلاق کي خراب ڪرڻ واري شين ڏانهن ٺي ويندا آهن.[1]

الله عَزَّوَجَلَّ اسان کي پنهنجي اطاعت جي توفيق عطا فرمائي، اسان جي معاشري تي پنهنجو خاص ڪرم فرمائي، ان کي مُنَشّيات کان پاڪ و صاف فرمائي ۽ اسان کي پنهنجي نافرماني کان بچائي.

اٰمين بِجاهِ النَّبِیِّ الْاَمین صلَّی اللہ تعالٰی علیہ واٰلہٖ وسلَّم.

لمحہ لمحہ بڑھ رہی ہیں ہائے! نافرمانیاں
اور گناہوں کی نہیں جاتی ہے عادت یارسول
نیکیوں میں یارسولَ اللہ دل لگ جائے کاش!
اور گناہوں سے مجھے ہوجائے نفرت یارسول
(وسائلِ بخشش مرمم، ص241،242)

صَلُّوا عَلَی الْحَبِیب! صَلَّی اللّٰهُ تَعَالٰی عَلٰی مُحَمَّد

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! اوهان ڏٺو ته شراب ڀنگ آفيم وغيره ڪيتري قدر هاڃيڪار آهن، جيتوڻيڪ اهي شيون نشو نه ڏيارين، تڏهن به انهن جو

---

1… جہنم میں لے جانے والے اعمال،۶۹۳/۱ملتقطاً و مفہوماً

استعمال گناه آهي. اچو ان باري ۾ فتاويٰ رضويه مان هڪ سوال ۽ جواب ٻڌون ٿا.

سوال:ڇا فرمائن ٿا عالم سڳورا هن مسئلي بابت ته شراب جي علاوه ڀنگ، آفيم، تاڙي، چرس ڪو شخص ايتري مقدار ۾ پيئي جو ان مان نشو نه اچي اهو شخص حرام جو مرتڪب ٿيو يا نه؟ بَيِّنُوْاتُوْجِرُوْا (يعني بيان فرمايو اجر ماڻيو.)

الجواب: نشو بِذَاتِهٖ حرام آهي، نشي واريون شيون پيئڻ جنهن سان نشه بازن جهڙي مشابهت ٿئي، جيتوڻيڪ نشي تائين نه پهچائي اهو به گناه آهي ايستائين جو عالم سڳورن تصريح فرمائي آهي ته خالص پاڻي اهڙي طرح پيئڻ جيئن شراب جا جام هلن ٿا، حرام آهي. ها جيڪڏهن دوا جي لاءِ ڪنهن مرڪّب (مثلاً معجون و غيره) ۾ آفيم يا ڀنگ يا چرس جو ايترو قليل مقدار وڌو وڃي جنهن جو عقل تي بلڪل اثر نه ٿئي ته حرج ناهي، بلڪ آفيم ۾ ان ڪان به بچڻ گهرجي جو ان خبيث شيءِ جو اَثر اِهو آهي جو معدي ۾ سوراخ ڪندي آهي، جيڪو آفيم کان سِوا ڪنهن بلا کان نٿا پرجن ته چاهيندي نه چاهيندي ان جو مقدار وڌائڻو ئي پوندو آهي. وَالْعِيَاذُبِاللهِ تَعَالٰی.[1]

صَلُّوْاعَلَی الْحَبِیْب! صَلَّی اللهُ تَعَالٰی عَلٰی مُحَمَّد

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! اسان مان هر هڪ کي گهرجي ته هنن سمورين خطرناڪ شين کا تمام پري رهي ۽ الله عَزَّوَجَلَّ جي پناه طلب ڪري. بدقسمتي سان اسان جي معاشري ۾ ان مهلڪ (هلاڪ ڪرڻ واري)، نشو ڏيارينڊڙ ۽ حرام منشيات جي علاوه هڪ وڏو تعداد پان ۽ گٽڪو کائڻ جو عادي به آهي ،پان گُٽڪو جيتوڻيڪ حرام ۽ نشو ڏيندڙ ناهي، پر ان جا نُقصان به ڪنهن طرح

1... فتاوٰی رضويه ، ۲۵/۲۱۳ بتغير قليل

www.dawateislami.net

گھٽ ناهن. تنهنڪري پنهنجي حالِ زار تي رَحم فرمايو ۽ ان جو بہ مُڪمل طور تي بائيڪاٽ ڪري ڇڏيو، اچو ان جون بہ تباه ڪاريون ملاحظ فرمايو جيئن

## مهارن جي ڪينسر جي مريض جي حڪايت

شيخ طريقت، اميرِ اهلسنت، بانيءِ دعوتِ اسلامي حضرتِ علامہ مولانا ابو بلال محمد الياس عطار قادري رَضَوِي ضِيائي دَامَتْ بَرَكَاتُهُمُ الْعَالِيه پنهنجي رسالي ''پان گٽڪو'' ۾ تحرير فرمائن ٿا تہ تقريبًا چاليهن سالن جي عمر واري هڪ شخص هڪ پيرو مون کي ٻڌايو: منهنجي مهارن ۾ ڪينسر ٿي پيو آهي، آپريشن بہ ڪرائي چڪو آهيان، پر تندرستي ناهي ملي. دراصل مان روزانو 20 يا 25 پان کائيندو هئس ان سان گڏوگڏ سگريٽن جو هڪ پاڪٽ بہ ڇڪيندو هئس. مون پڇيو: اجا بہ پان سگريٽ استعمال ڪريو ٿا يا نہ؟ تہ اهو ٻنهي هٿن سان ڪن پڪڙي، چوڻ لڳو: انهن شين تہ مون کي برباد ڪيو آهي ۽ مرڻينگ ڪري ڇڏيو آهي، هاڻي مان انهن کي ڪيئن ٿو استعمال ڪري سگهان! (1)

## پان يا گُٽڪوءِ ڳلي جو ڪينسر

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! اوهان ڏٺو تہ ڪهڙي نموني پان ۽ سگريٽ ان شخص جي صِحّت کي تباه وبرباد ڪري ڇڏيو ايستائين جو ان جي مهارن ۾ ڪينسر ٿي ويو. ان طرح جا بيا بہ ڪوڙ سارا مريض آهن جيڪي تمباڪو نوشي سبب سخت تڪليف ۽ پريشاني ۾ مُبتلا آهن.

ياد رکو! گهٽي پان يا گٽڪي کائڻ وارن جو شروع شروع ۾ آواز خراب ٿي ويندو آهي، ڳلو بيمار ٿي پوندو آهي، جيڪڏهن اهو انهي تڪليف کي تنبيهہ (Notice) سمجهي پان يا گٽڪو کائڻ ڪان نہ ٿو رکجي تہ وڌندي

---

1... پان گٹکا، ص۲

وڌندي مَعاذالله ڳلي جي ڪينسر (Throat cancer) تائين نوبت پهچندي آهي. چيو وڃي ٿو: ڳلي جي ڪينسر جي مريضن مان 60 کان 70 سيڪڙو تعداد پان يا گٽڪي کائڻ وارن جو هوندو آهي. اڄڪلهه گُردي ۾ پٿري جي بيماري عام آهي. انهي جو هڪ وڏو سبب سوپاري ۽ چونو بہ آهي. گُردي مان نڪتل پٿري جي جڏهن تشخيص (Examine) ڪئي ويندي آهي تہ اڪثر ان ۾ ڪئلشيم (يعني چوني) جو مقدار وڌيڪ هوندو آهي. جيڪي ماٺهو مزي طور گٽڪو ۽ قسمين قسمين جون خوشبودار سوپاريون کائيندا آهن انهن جي خدمت ۾ عرض آهي: هڪ ڊاڪٽر جي بيان جي مطابق گُردي ۾ 80 سيڪڙو پٿري سوپاري جي سبب ٿيندي آهي. مَعاذالله عَزَّوَجَلَّ گُردو ناڪاره (Fail) ٿيڻ يا ان ۾ ڪينسر (Kidney cancer) ٿيڻ بہ پان گٽڪي جي گهڻي استعمال جي نقصانن مان آهي.

میں پوڑی اور گٹکا پان کھانا چھوڑ دو
بھائیو سگریٹ کا دُھواں اُڑانا چھوڑ دو
کینسر گر ہو گیا گھبراؤ گے پچھتاؤ گے
سر پٹخ کر روؤ گے، پَر کچھ نہ تم کر پاؤ گے

صَلُّوا عَلَى الْحَبِيب! صلَّى اللهُ تعالیٰ علیٰ محمَّد

## پان جو اُخروي نُقصان

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! شيخِ طريقت، اميرِ اهلسنت دَامَتْ بَرَكَاتُهُمُ الْعَالِيَه پان گٽڪو کائڻ وارن کي آخرت جي تياري جو مدني ذهن ڏيندي ارشاد فرمائن ٿا: جيڪڏهن ثواب ڏيارڻ واريون سنيون سنيون نيّتون نہ هجن تہ بازاري پان کائڻ ۾ آخرت جي معاملي ۾ بہ نقصان ئي نظر اچي رهيو آهي جو زندگي جون انمول گهڙيون پان، سوپاريون چٻاڙڻ ۾ ئي برباد ٿي وڃن ٿيون، انهيءَ

دؤران انسان ذڪر ۽ درود کان پري ۽ تلاوت کان محروم رهي ٿو. هر هر پان جي ٽڪ اچلائي ٻين جي لاءِ بدبوءَ جو سبب بڻبو آهي. ڪنهن جي ڪپڙي، گاڏي يا پٽ تي ٽڪ اچلائي ته ماڻهن جي حق تلفي جو معاملو آهي ۽ وضو جي معاملي ۾ به پان کائڻ وارن جي لاءِ سخت آزمائش آهي.

اچو! ان باري ۾ فتاوي رضويه جلد اوّل جي صفحي 838 جي هڪ عبارت جو خلاصو ٻڌون ٿا. جيئن ته

## پان کائڻ وارا ڌيان ڏين!

اعليٰ حضرت اِمام احمدرضا خان رَحْمَةُ الله تَعَالٰي عَلَيه ارشاد فرمائن ٿا: گهڻي پان کائڻ جا عادي خصوصًا جن کي ڏندن ۾ وٿي هجي اهي تجربي سان ڄاڻن ٿا ته سوپاري جا ننڍا ذرا ۽ پان جا تمام ننڍا ننڍا ذرا اهڙي طرح وات جي پاسن ۽ ڏندن جي وٿين ۾ گهڙي ويندا آهن جو ٿي گرڙيون بلڪ ڪڏهن ڪڏهن ته ڏهه ٻارهن گرڙيون به انهن جي مڪمل صفائيءَ لاءِ ڪافي ناهن هونديون ۽ سواءِ گرڙين جي، نه خِلال انهن کي ڪڍي سگهندو آهي ۽ نه ئي ڏندڻ، گرڙين سان پاڻي سوراخن ۾ داخل ٿي ويندو آهي ۽ حرڪت ڏيڻ سان جميل ننڍن ذرن کي آهستي آهستي ڪڍي ڇڏيندو آهي ان جي به ڪا حد بندي نٿي ٿي سگهي جڏهن ته مڪمل صفائي ڪرڻ جي سخت تاڪيد آئي آهي، ڪيترين ئي حديثن ۾ ارشاد ٿيو آهي ته جڏهن ٻانهو نماز لاءِ بيهندو آهي ته فرشتو ان جي وات تي پنهنجو وات رکندو آهي اهو جيڪو ڪجهه پڙهندو آهي ان جي وات مان نڪري فرشتي جي وات ۾ ويندو آهي ان وقت جيڪڏهن کائڻ جي ڪا شيء ان جي ڏندن ۾ هوندي آهي ته فرشتن کي ان سان اهڙي سخت تڪليف ٿيندي آهي جهڙي ٻي ڪنهن شيء سان ناهي ٿيندي.(1)

---

1… فتاوٰی رضویہ،۱/۸۳۸مفہوماً

## ملائڪن کي تڪليف ٿيندي آهي

حُضور اڪرم، نورِ مُجَسَّم، شاهِ بني آدم صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن ارشاد فرمايو: ”جڏهن توهان مان ڪو رات جو نماز جي لاءِ بيهي ته ان کي گهرجي ڏندڻ ڪري ڇو ته جڏهن هو پنهنجي نماز ۾ قِراءَت ڪندو آهي ته فرشتو پنهنجو وات ان جي وات تي رکي ڇڏيندو آهي ۽ جيڪا شيءِ هن جي وات مان نڪرندي آهي اها فرشتي جي وات ۾ داخل ٿي ويندي آهي.“[1] اهڙي طرح حضرت سيِّدُنا ابُو ايُّوب انصاري رَضِیَ اللهُ تَعَالٰی عَنْهُ کان روايت ڪئي آهي: ”ٻنهي فرشتن کي ان کان وڌيڪ ڪا شيءِ ڏکي ناهي لڳندي جو هو پنهنجي ساٿيءَ کي نماز پڙهندي ڏسن ۽ ان جي ڏندن ۾ کاڌي جا ذرا ڦاٿل هجن.“[2]

**مٺا مٺا اسلامي ڀائرو!** اوهان ڏٺو ته پان گٽڪو کائڻ وارا ماڻهو گهڻن ئي دِيني، دُنياوي ۽ طبي نُقصان کڻڻ سان گڏوگڏ پنهنجي وات جي بدبو ۽ گندگي سان مخلوقِ خدا بلڪ مَعَاذَ الله عَزَّوَجَلَّ معصوم فرشتن کي تڪليف پهچائڻ جو باعث به بڻجندا آهن. تنهنڪري اهڙن مسلمانن کي گهرجي ته اهي جلد از جلد ان آفت مان پنهنجو دامن آزاد ڪن.

## رسالو”پان گُٽڪو“ جو تعارُف

پان گُٽڪي جي تباهه ڪارين بابت وڌيڪ معلومات جي لاءِ شيخ طريقت، امير اهلسنّت دَامَتْ بَرَكَاتُهُمُ الْعَالِيَه جو 14 صفحن تي مشتمل رِسالو ”پان گُٽڪو“ سنڌي ترجمي جو مطالعو اِنتهائي مفيد آهي، ان رسالي ۾ پاڻ دَامَتْ بَرَكَاتُهُمُ الْعَالِيَه ڇُوني جا نُقصان، اصلي ڪَٿي جا فائدا ۽ نقلي ڪَٿي جي نُقصانن کان علاوه نهايت مفيد معلومات بيان فرمائي آهي، تنهنڪري اڄ ئي هن رسالي کي مڪتبةُ المدينه جي بستي تان هديةً طلب فرمائي پاڻ به مطالعو ڪيو ۽ ٻين کي به

---

1... شُعَبُ الْاِيمان،٢/٣٨١،حديث:٢١١٧

2... المعجم الكبير للطبرانى، ٤/١٧٧،حديث:٤٠٦١

www.dawateislami.net

ترغيب ڏياريو. دعوتِ اسلامي جي ويب سائٽ www.dawateislami.net تان هن رِسالي کي يعني پڙهي بہ سگهجي ٿو ۽ ڊاؤن لوڊ (Download) ۽ پرنٽ آؤٽ (Print Out) بہ ڪري سگهجي ٿو.

اچو هاڻي سگريٽ نوشي ۽ تمباڪو نوشي جا نُقصان بہ پڙهو،

## سگريٽ جا طبّي نُقصان

(1)سگريٽ پيئڻ وارو پنهنجي جيب مان رقم خرچ ڪري جڏهن تہ پنهنجي لاءِ مُصِيبت خريد ڪندو آهي ۽ بين کي بہ ڌُونهين سان تڪليف پهچائيندو آهي.(2) ان جي استعمال سان نيڪي ۽ عبادت ڏکي محسوس ٿيندي آهي.(3) ان جو استعمال ڪرڻ وارو بُري صحبت ڏانهن راغب رهندو آهي.(4) ان جي استعمال سان وات ۽ زبان جو ڪينسر ٿي ويندو آهي. (5) سَهڪي جو مرض پيدا ٿي ويندو آهي. (6) چهري ۽ جسم جو رنگ خراب ٿي ويندو آهي ۽ (7) چهري ۽ جسم تي بدنُما گُهنج بہ پئجي ويندا آهن. (8) هارٽ اٽيڪ(يعني دل جو دورو پوڻ) جو خطرو رهندو آهي. (9) سگريٽ نوشي ۽ تمباڪو نوشي ڪرڻ وارا دائمي کنگهہ ۾ مبتلا ٿي ويندا آهن.

**مٺا مٺا اسلامي ڀائرو!** اوهان ڏٺو تہ نشي جون تباه ڪاريون ڪيتري قدر وڏيڪ آهن جو ان جو شمار نٿو ڪري سگهجي، مُنَشّيات جو عادي حقوقُ الله ۽ حقوقُ العِباد ٻنهي کي پامال ڪندو آهي، ايستائين جو پنهنجي بدن جو حق بہ ادا ناهي ڪندو، ان جو جسم سُست ٿي ويندو آهي، محنت مزدوري جي قابل ناهي رهندو نتيجي طور اهو معاشري ۾ پنهنجو وقار وڃائي ويهندو آهي ۽ غيرن جو محتاج ٿي ويندو آهي ،گهر وارا ان کان بيزار ۽ يار دوست ان کان پاسو ڪندا آهن، غمگين رهندو ۽ ڏکن ۾ زندگي گُذاريندو آهي،الغرض اها کهڙي پريشاني آهي جو ان نشي جي مريض کي ناهي هوندي، پر ان باوجود بدقسمتي سان اڄڪلهہ مُنَشّيات جي استعمال جو رُجحان وڏي تيزي سان وڌي

رهيو آهي، جنهن سبب سڄي قوم بالخصوص نوجوان نسل بُري طرح سان متاثر ٿي رهيو آهي. تنهنڪري اسان کي کپي تہ اسان پنهنجي طور تي مُنَشّيات جي روڪٿام ڪرڻ جي پر پور ڪوشش ڪيون ۽ اهو اهڙي طرح جو پاڻ بہ انهن شين جي استعمال کان بچون، پنهنجي ٻارن کي بہ سختي سان ان کان بچايون، انهن جي نقل و حرڪت ۽ صحبت تي نظر رکون تہ اهي ڇا ڪري رهيا آهن ۽ ڪهڙن ٻارن يا ڇوڪرن سان انهن جو اٿڻ ويهڻ آهي، ان جي علاوه اسان کي گهرجي تہ نشي جي لت (بُري عادت) ۾ مبُتلا ٿيڻ وارن بيمارن ۽ مريضن کي بہ انهن شين جي استعمال کان پرهيز جي ترغيب ڏياريون، ڇوتہ اهو هڪ چڱو عمل آهي ۽ سنين سنين نيتن سان ثواب جو ڪم بہ آهي.

الله عَزَّوَجَلَّ جا پيارا حَبِيب،طبيبن جا طبيب صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم بہ بيمارن سان نہ صرف همدردي ڪندا هئا بلڪ پاڻ سڳورا صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم مُختلف موقِعن تي علاج معالجي ۽ پرهيز بابت هدايتون بہ ارشاد فرمايون آهن. جيئن تہ،

حضرت سَيدَتُنا اُمِّ مُنذِر رَضِیَ اللهُ تَعَالٰی عَنْهُمَا اهڙي طرح جو هڪ واقعو ذِڪر ڪندي فرمائن ٿيون:

نبي ڪريم، رؤفٌ رَّحيم صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم مون وٽ تشريف فرما ٿيا، حضرتِ علي رَضِیَ اللهُ تَعَالٰی عَنْهُ بہ سندن صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم سان گڏ هئا. اسان وٽ ڪجورن جا ڇڳا لٽڪيل هئا، رسولِ ڪريم صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم اُنهن کي تَناوُل فرمائڻ لڳا، حضرتِ عَلي بہ گڏ کائڻ لڳا، پيارا پيارا آقا، مڪي مَدَني مصطَفٰي صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن فرمايو: اي علي! ترسو، ترسو! (يعني توهان انهن ڪجورن کي کائڻ کان پرهيز ڪيو) ڇوتہ توهان ۾ اڃا نَقاهت آهي (يعني توهان هينئر بيماري مان تندرست ٿيا آهيو ۽ توهان تي ڪمزوري جو اثر غالِب آهي ان ڪري توهان لاءِ پرهيز ضَروري آهي) حضرتِ سيدَتُنا اُمِّ مُنذِر رَضِیَ اللهُ تَعَالٰی عَنْهُما فرمائن ٿيون: پوءِ

www.dawateislami.net

مون انهن جي لاءِ چُقَندر ۽ جَو پچايا تہ نبي ڪريم، رَؤفٌ رَّحيم صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن فرمايو: اي علي! اهو ڪائو چوتہ اهو توهان جي لاءِ فائديمند ۽ مُوافِق آهي.[1]

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! اوهان ڏٺو تہ ڪجور جيڪا وزني غذا آهي ۽ بيماري مان اٿڻ کان فوراً بعد شايد ان جي کائڻ سان نُقصان جو انديشو هو، تنهنڪري پياري آقا، مکي مدني مُصْطَفٰي صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن حضرتِ علي رَضِيَ اللهُ تَعَالٰى عَنْهُ کي ان کان پرهيز جو حڪم ارشاد فرمايو. تنهنڪري اسان کي بہ گهرجي تہ اسان بہ پنهنجي مسلمان ڀائرن سان خير خواهي جو مظاهرو ڪندي انهن جي صِحّت ۽ جان جي حفاظت جو پنهنجي استطاعت جي مطابق خيال ڪيون ۽ انهن کي نُقصان ڏيڻ وارين شين خاص ڪري مُنَشّيات جي استعمال کان روڪيون.

صَلُّوا عَلَى الْحَبِيب! صلَّى اللهُ تعالٰى على محمَّد

## ماڻهو نشي جا عادي ڇو ٿيا ٿين؟

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! اچو هاڻي اهو ڄاڻڻ جي ڪوشش ڪيون تا تہ اُهي ڪهڙا سبب آهن جنهن جي ڪري ماڻهو عام طور تي نشي جي آفت ۾ مبُتلا ٿي ويندا آهن ۽ آخرڪار انهن سببن کان پاڻ کي ڪهڙي نموني بچائڻ ممڪن آهي، مُنَشّيات جي غلط راهہ اختيار ڪرڻ جا ڪجهہ سبب خاص طور تي قابلِ ذڪر آهن جن ۾ سڀ کان وڏو سبب بُري صحبت رکڻ آهي.

### (1) بُري صحبت

هڪ تجزيي جي مطابق 90 فيصد ماڻهو جيڪي مُنَشّيات جا عادي ٿيا آهن، اهي بد قسمتي سان بُري صحبت ۽ بُرن دوستن جي ڪري ٿيا آهن، ڀهريان تہ

1… تِرمِذی ،کتاب الطب،باب ما جاء فی الحمیة،۳/۴،حدیث:۲۰۴۳

www.dawateislami.net

بُرا دوست مفت ۾ منّتون ڪري مُنَشّيات ڪارائيندا پيئاريندا آهن ۽ گڏوگڏ بي بُنياد فائدا بہ بيان ڪندا آهن تہ يار آزمائي ڏس غم ختم ٿي ويندا آهن، ڏک درد وسري ويندئي، نہ پيئڻ تہ ڇا جيئڻ، پيسا ٿورئي وٺي رهيا آهيون وغيره وغيره، بس آغاز هتان ڪان ٿيندو آهي پوءِ جڏهن هڪ ڀيري نشو ڏياريندڙ شيءِ استعمال ڪندو آهي تہ ان عادت ۾ اهڙو ڦاسندو آهي جو نڪرڻ دشوار ٿي ويندو آهي. ائين دُنيا ۽ آخرت جي خساري جو سفر شروع ٿي ويندو آهي.

## (2)گهر جو ماحول

مُنَشّيات ۾ ڦاسڻ جو هڪ سبب گهر جو ماحول بہ آهي جو ڪڏهن ڪڏهن والدين ڪي ان مُنَشّيات ۾ مبُتلا ڏسي ڪري ٻار بہ مُنَشّيات جا عادي ٿي ويندا آهن، تنهنڪري جيڪڏهن والدين پنهنجي ٻارن کي ان بيماري کان بچائڻ چاهن ٿا تہ انهن کي پاڻ بہ مُنَشّيات کان مڪمل طور تي بچڻو پوندو.

## (3)آواره گردي

اهڙي طرح چڱن ۽ صحيح ڪمن ۾ مصروف رهڻ جي بدران آواره گردي ڪرڻ ۽ فضول قسم جي سرگرمين ۾ ڦاٿل رهڻ ڪيترين ئي برائين سان گڏوگڏ نشي جي بيماري ۾ مبُتلا ٿيڻ جو سبب بہ بڻجي ويندو آهي. آواره گردي جي سبب نشي جي وڪڙ ۾ اچڻ وارو اهو شخص،اُن وقت کي وساري ويهندو آهي جو جڏهن اهو بلڪل بيوس ۽ مجبور هو، ماءُ جي شفقت ڀري آغوش جو محتاج هو، پنهنجي قدمن تي بيهڻ جي لاءِ ان کي پيءُ جي شفيق ۽ مهربان هٿن بلڪ اُن جي آڱر جي سهاري جي ضرورت هئي، اهو نادان شخص ان وقت کي وساري ڇڏيندو آهي جڏهن ان جي پيٽ ۾ ڪنهن تڪليف سبب سُور جي ڪري ماءُ سڄو ڏينهن ڪم ڪار ڪرڻ جي باوجود بہ سڄي سڄي رات پنهنجي ننڊ کي قربان ڪندي هئي جو منهنجو لختِ جگر ڪنهن تڪليف ۾ مُبتلا آهي، اهو نادان شخص ان وقت کي وساري ڇڏيندو آهي، جڏهن ان

جي مرڪز تي ڏڪايل ماءُ پيءُ جي چهري جي غمگيني، خوشي ۾ بدلجي ويندي هئي، اهو نادان شخص ان وقت کي وساري ڇڏيندو آهي جو جڏهن اهو پنهنجي قدمن تي بيهي هلڻ جي عمر تائين پهتو هو، ان جي بيهڻ تي ان جي ماءُ پيءُ خبر ناهي ڪهڙيون خوشيون ملهايون هونديون، اهو نادان شخص اُن وقت کي وساري ڇڏيندو آهي جو جڏهن اهو پاڻ ستل هوندو هو ماءُ ان جي ناشتي ۽ ان جي اسڪول جي تياري جي لاءِ ڪيتري مشقّت سان اٿي ان جي تياري کي مڪمل ڪندي هئي، اهو نادان شخص ان وقت کي وساري ڇڏيندو آهي جو جيستائين اهو اسڪول مان واپس نہ ايندو هو يا جيڪڏهن ڪنهن ڏينهن ڪنهن وجہ سان دير ٿي ويندي هئي تہ پريشاني جي سبب ماءُ تي بي سڪوني ۽ بي چيني جا دورا پوندا هئا، اجايل اکيون دروازي تي لڳل هونديون تہ ٻاهريان ڪان ڪڏهن آواز ايندو تہ ”امان آئون اچي ويو آهيان“، پوءِ ان جي اچڻ تي خوشي جي سبب امڙ ان کي پنهنجي سيني سان لائيندي هئي، ڪڏهن مٿي تي چمي ڏيندي هوندي، تہ ڪڏهن پنهنجي نرم نرم هٿن سان ان جي چهري کي صاف ڪندي هوندي، خوشي وچان ڪڏهن اکين مان لڙڪن جي لار ٻڌجي نڪرڻ لڳي هوندي تہ ڪڏهن جوشِ محبت ۾ روئڻ لڳي هوندي. هاءِ! اهو ئي نادان شخص جڏهن ماءُ جي شفقت ڀري هنج مان ڀري ڀڄي، رحمدل پيءُ کي ڏک ۽ تڪليفون پهچائي بُرن دُوستن ۽ بُرين محفلن ۾ پنهنجو وقت برباد ڪندو آهي تہ ڪڏهن ڪڏهن ذِلّت ۽ رُسوائي ان جو اهڙو مقدر بڻجندي آهي جو زمانو ان کي ڏسندو آهي.

اي عاشقانِ صحابه و اهلبيت،اي عاشقانِ رسول! اهڙن ڪوڙ سارن نوجوانن کي ماءُ پيءُ سان ملائڻ جي ڪوشش ڪيو جو جن جي زندگين جا ڏيئا وسامندا پيا وجن، اهڙڻ ماڻهن ۾ بہ نيڪي جي دعوت عام ڪيو، تمام ئي نرمي ۽ محبت سان انهن تي اِنفرادي ڪوشش ڪري دعوتِ اسلامي جي مدني ماحول

سان وابسته ڪيو، انهن نادان عاشقانِ رسول کي غوثِ پاڪ رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰي عَلَيْه جي دامن سان وابسته ڪيو. جيڪڏهن انهن مان ڪو سچي توبه ڪري سڌي واٽ تي اچي ويندو آهي، ماءُ پيءُ جي اکين جو نور ۽ دل جو سُرُور انهن کي واپس ملي ويندو آهي ته انهن جي غمگين دِل مان ڪيتريون دُعائون نڪرنديون، جيڪي اسان جي لاءِ آخرت جي نجات جو ذريعو بڻجي سگهن ٿيون.

صَلُّوا عَلَى الْحَبِيب!　　　صلَّى اللهُ تعالىٰ على محمَّد

مَنا مَنا اسلامي ڀائرو! جيڪڏهن گهر جا وڏا ماڻهو ننڍن کي بلڪل آزاد ڇڏي ڏين، اکيون بند ڪري انهن تي ڀروسو ڪن ۽ پڇا ڳاڇا ڪرڻ ڇڏي ڏين ته رات جو دير تائين ڪٿي هئين، ڪنهن سان گڏ هئين ته ان لا پروائي جي ڪري ٻار بُرن ماڻهن جي هٿ چڙهي ويندا آهن ۽ ائين نشي جي آفت ۾ گرفتار ٿي ويندا آهن. تنهنڪري گهر جي وڏن کي کپي ته ٻارن کي ڏينهن يا رات ۾ هرويرو رڳو وقت گُذارڻ جي لاءِ گهرن کان ٻاهر نه ڇڏين ۽ جيڪڏهن اهي ڪنهن ضروري ڪم سان ٻاهر وڃن ۽ اچڻ ۾ غير معمولي دير ٿي وڃي ته انهن کان ضرور پڇا ڪن ته ايتري دير ڪٿي هئين ته جيئن اهو آئنده جلدي گهر اچڻ جي عادت بڻائن.

## (4) انجام کان غافل هئڻ

نشي جي لت (بُري عادت) ۾ ڦٿجڻ جو هڪ سبب ان ڀيانڪ فعل جي انجام ۽ دِيني، دُنياوي ۽ طبّي نُقصان کان بي خبري به آهي .ظاهر آهي ته جڏهن ڪنهن کي ڪنهن شيء جي نُقصانن جو علم نه هجي اهو ان کان بچڻ جي ڪوشش به ناهي ڪندو. تنهنڪري جيڪي ان نحوست کان بچڻ چاهن ٿا، انهن کي گهرجي ته ان جي انجام کي لازمي پيشِ نظر رکن.

## (5) مال جي گهٽائي

نشي جي عادت ۾ مبُتلا ٿيڻ جو هڪ سبب پيسن جي ڪثرت بہ آهي، جيڪڏهن ڪنهن وٽ پيسن جي گهٽائي هجي يا بغير محنت جي پيسا ملن تہ ان کي خرچ ڪرڻ ۾ ڪا جهجهڪ يا ڏک ناهي ٿيندو. تنهنڪري فضوليات ۾ خرچ ڪندي نشي جو بہ عادي بڻجي ويندو آهي، اهڙي شخص کي اها ڳالهہ چڱي طرح ذهن نشين رکڻ گهرجي تہ قرآنِ پاڪ ۾ اِسراف (فضول خرچي) کان منع ڪيو ويو آهي ۽ فضول خرچ ڪرڻ وارن کي شيطان جو ڀاءُ قرار ڏنو ويو آهي ۽ اها ڳالهہ بہ ياد رکڻ گهرجي تہ نعمتن جي قدر ڪرڻ سان نعمتن ۾ اضافو ٿيندو آهي ۽ ان جي ناقدري ڪرڻ ۽ غلط استعمال ڪرڻ جو انجام نهايت ئي بُرو آهي.

قرآنِ ڪريم جي سيپاري 13 سوره ابراهيم جي آيت نمبر 7 ۾ ارشادِ خداوندي آهي:

لَىٕنْ شَكَرْتُمْ لَاَزِیْدَنَّكُمْ وَ لَىٕنْ كَفَرْتُمْ اِنَّ عَذَابِیْ لَشَدِیْدٌ(۷) (پ۱۳،ابراهیم:۷)

**ترجموڪنزالايمان**: جيڪڏهن شڪر ڪندؤ تہ مان توهان کي وڌيڪ ڏيندس جيڪڏهن ناشڪري ڪيو تہ منهنجو عذاب سخت آهي.

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِیْب! صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

**منا منا اسلامي ڀائرو!** اسان کي کپي تہ نشي ڏانهن وٺي ويندڙ انهن سڀني اسباب کان بچڻ جي ڪوشش ڪيون جيڪو هينئر اسان ٻڌو ۽ خاص طور تي بُري صحبت کان پري رهون، بُري صحبت کان بچڻ جو هڪ بهترين ذريعو چڱي صحبت اختيار ڪرڻ ۽ سني ماحول سان وابستہ ٿيڻ بہ آهي، تنهنڪري اوهان سڀني اسلامي ڀائرن جي خدمت ۾ مدني التجا آهي تہ نہ صرف پاڻ دعوتِ اسلامي جي مدني ماحول سان وابستہ ٿي وڃو بلڪ پنهنجي گهر وارن ،دوستن ۽ رشتيدارون کي بہ ان پياري مدني ماحول سان وابستہ ٿيڻ

جي ترغيب ڏياريو، اِنْ شَآءَاللهعَزَّوَجَلَّ ان جي برڪت سان با عمل مسلمان بڻجي زندگي گُذارڻ جي سعادت نصيب ٿيندي. ۽ وڏيڪ رحمتون ۽ برڪتون ماڻڻ جي لاءِ ذيلي حلقي جا بارهن(12) مدني ڪمن ۾ به وڌ کان وڌ حصو وٺو.

## فجر بعد مدني حلقو:

ذيلي حلقي جي 12 مدني ڪمن مان روزانو جو هڪ مدني ڪم نمازِ فجر کان پوءِ مَدَني حَلقي ۾ شرڪت به آهي.جنهن ۾ روزانو، ٽي (3) قرآني آيتن جي تلاوَت ان سان گڏ ترجمہ ڪنزُالايمان ۽ تفسير خزائنُ العرفان/ تفسير نورُ الْعرفان/ تفسير صِراطُ الجنان ۽ درسِ فيضانِ سُنَّت (4 صفحا) ۽ (منظوم) شَجْره قادِريہ، رَضَويہ، ضيائيہ، عطاريہ پڙهيو ويندو آهي. قرآنِ ڪريم پڙهڻ پڙهائڻ جون وڏيون برڪتون آهن.

نبي ڪريم، رؤفٌ رَّحيم صَلَّى الله تَعَالٰى عَلَيه واٰلهٖ وسلَّم جن ارشاد فرمايو: جنهن شخص قرآنِ ڪريم سکيو، سکاريو ۽ ان تي عمل ڪيو، قرآنِ ڪريم ان جي شفاعت ڪندو ۽ جنّت ۾ وٺي ويندو.[1] تنهنڪري اوهان به پابندي سان مدني حلقي ۾ شرڪت جي نيت فرمائي وٺو، ۽ دعوتِ اسلامي جي مدني ماحول سان وابستہ ٿي خُوب خُوب نيڪي جي دعوت جون ڌومون مچائڻ جي لاءِ مدني قافلن ۾ سفر کي پنهنجو معمول بڻائي وٺو، اِنْ شَآءَ الله عَزَّوَجَلَّ ان جون خُوب برڪتون حاصِل ٿينديون. اچو ترغيب جي لاءِ هڪ مدني بهار ٻڌون ٿا.

## نشي جي بري عادت ڇُٽي وئي

عطّار آباد(جيڪب آباد، بابُ الاسلام سندھ) جي علائقي سان تعلق رکڻ واري اسلامي ڀاءُ جو بيان ڪجھ ائين آهي: ٻهريان مان غَلَط عقائد رکندڙ ۽ اخلاقي

1… تاريخ دمشق، ٣/۴١

بُرائين جي دلدل ۾ ڦاٿل هئيس، روزانو رات جو 8 کان 12 بجي تائين ڀنگ، چرس ۽ شراب وغيره جو نشو ڪندو هئس، پوءِ بَدمست ٿي گهر پهچندو هئس ۽ بستر تي اونڌو ٿي ستل رهندو هئس، منهنجي ماءُ منهنجي حالت ڏسي روئيندي رهندي هئي ۽ مون کي سمجهائيندي هئي پر مون تي ڪجھ بہ اثر نہ ٿيو. پوءِ غالباً 2010ء ۾ اسان جي علائقي ۾ سيلاب آيو تہ اسان هڪ محفوظ هنڌ تي پناهہ ورتي. اتي آئون شديد بيمار ٿي پيس، منهنجي خُوش نصيبي جو ان دوران منهنجي ملاقات هڪ دعوتِ اسلامي سان وابستہ هڪ اسلامي ڀاءُ سان ٿي، جنهن جي انفرادي ڪوشش جي نتيجي ۾ زندگي ۾ پهرين ڀيرو مون کي مَدَني قافلي ۾ سفر جي سعادت نصيب ٿي. اَلْحَمْدُلِلّٰه عَزَّوَجَلَّ مدني قافلي ۾ سفر جي برڪت سان بَدعقيدگي ۽ نشي جي بري عادت کان توبہ جي توفيق بہ ملي وئي، تادمِ بيان جامعةُ المدينہ ۾ درجہ ثانِيہ(يعني ٻئي سال) جو طالبِ علم آهيان.

گر آئے شرابی مٹے ہر خرابی
چڑھائے گا ایسا نشہ مَدَنی ماحول
اگر چور ڈاکو بھی آجائیں گے تو
سُدھر جائیں گے گر مِلا مَدَنی ماحول

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِیْب! صَلَّی اللهُ تَعَالٰی عَلٰی مُحَمَّد

## مجلس مڪتوبات ۽ تعويذاتِ عطاريہ

اَلْحَمْدُ لِلّٰه عَزَّوَجَلَّ! دعوتِ اسلامي دينِ متين جي 100 کان وڌيڪ شعبن ۾ مدني ڪم ڪري رهي آهي، انهن مان هڪ شعبو مَجلِس مڪتُوبات ۽ تَعوِيذاتِ عطاريه بہ آهي.

اَلْحَمْدُ لِلّٰه عَزَّوَجَلَّ !دعوتِ اسلامي جي مجلس مڪتوبات ۽ تعويذاتِ عطاريہ تحت ڏکايل مسلمانن جو اميرِ اهلسنّت، حضرت علامہ مولانا محمدالياس عطّار قادِري دَامَت بَرَكَاتُهُمُ العَالِيه جي اجازت ڏنل تعويذن جي ذَريعي في سبيل الله عِلاج ڪيو ويندو آهي، ۽ استخارو ڪرڻ جو سلسلو بہ ٿيندو آهي.

اَلْحَمْدُ لِلّٰه عَزَّوَجَلَّ !هفتي ۾ 2 ڏينهن ”مدني چينل“ تي ”رُوحاني علاج ۽ استخاره“ نالي سلسلو براه راست (Live) نشر ٿيندو آهي، جنهن کان هزارين مسلمان مستفيض ٿيندا آهن. سڄي دُنيا جي عاشقانِ رسول جي خير خواهي ڪندي فون لائنز جي ذريعي بہ اِستخارو ڪيو ويندو آهي، هر مهيني ڪم و بيش 55,000 (پنجونجاهه هزار) اسلامي ڀائر ان سروس جي ذريعي رابطو ڪندا آهن. دعوتِ اسلامي جي ويب سائٽ تي ”اي ميل استخاره سروس“ بہ موجود آهي، ان جي ذريعي بہ اِستخارو ڪيو ويندو آهي، ٻاهرين ملڪ جي عاشقانِ رسول جي لاءِ ”واٽس ايپ (Whatsapp) استخارو سروس“ بہ موجود آهي، جنهن تي ماهوار هزارين اسلامي ڀائر ۽ اسلامي ڀينرون فيضياب ٿيندا آهن، پريشان حال اسلامي ڀائرن ۽ اسلامي ڀينرن جي لاءِ دعوتِ اسلامي جي ويب سائٽ تي موجود ”ڪاٽ سروس“ جي ذريعي پريشانين، بيمارين ۽ مشڪلاتن جي ڪاٽ ڪئي ويندي آهي، ماهانہ ڪم و بيش 65,000 (پنجهٺ هزار) پريشان حال ان سروس مان فيضياب ٿيندا آهن (سالانہ گهٽ وڌ 7 لک 80 هزار کان وڌيڪ ماڻهن جي ڪاٽ ڪئي ويندي آهي.)

اَلْحَمْدُ لِلّٰه عَزَّوَجَلَّ!ان وقت مجلس جي طرفان بِلامبالغي لکين تعويذاتِ عطاريہ ۽ تعزيت، عيادت ۽ تسلّي ناما موڪليا ويا آهن ۽ هڪ اندازي جي مطابق تادمِ تحرير مجلس جي طرفان پاڪستان ۾ روزانو لڳندڙ تعويذاتِ عطّاريہ جا بستا (اسلامي ڀائرن جا) تقريباً 750، بيرونِ ملڪ تقريباً 230 ماهانہ مريضن جي اوسطاً

تعداد 3,35,000 (ٽي لک پنجٽيهه هزار) ۾ پاڪستان ۾ ڪم و بيش 80 جڳهن تي ”اسلامي ڀينرن“ جا ٻه هفتيوار تعويذاتِ عطاريه جا بستا لڳندا آهن، جن تي تعويذاتِ عطاريه ڏيڻ ۽ وٺڻ واريون صرف اسلامي ڀينرون هونديون آهن، انهن بستن تي ماهانه هزارين اسلامي ڀينرون فيضياب ٿينديون آهن. ماهانه مڪتوباتِ عطاريه (دستي(By Hand)، بذريعه ڊاڪ، بذريعه نيٽ) ڪم و بيش 70,000 (ستّرهزار) ماهانه تعويذات ۽ اورادِ عطاريه تقريباً 6 لک جي تعداد ۾ تقسيم ڪيا ويندا آهن. ۽ تعويذاتِ عطاريه جي بستہ ذِمه داران جي اِنفرادي ڪوشش جي نتيجي ۾ سوين عاشقانِ رسول مدني قافلي ۾ سفر ڪندا آهن. هزارين نوان اسلامي ڀائر هفتيوار اجتماع ۾ شرڪت ڪندا آهن، هزارين عاشقانِ رسول سلسلہ عاليہ قادِريہ، رضويہ، عطّاريه ۾ داخل ٿيڻ جو شرف حاصل ڪندا آهن. ڪيئي خوش نصيب ڏاڙهي شريف ۽ عمامي جو تاج سجائي وٺندا آهن، ذيلي حلقي جي 12مدني ڪمن ۾ عملي طور تي شرڪت ڪرڻ وارا بڻجي ويندا آهن، مختلف ڪورسز جي ذريعي فرض علوم،سُنّتون ۽ آداب سکي ڪري شريعت جي مطابق زندگي گذارڻ جي ڪوشش ۾ لڳي ويندا آهن.

اَلْحَمْدُ لِلّٰه عَزَّوَجَلَّ !تعويذاتِ عطاريه جي بستن تي ”ڪافرن جي اسلام قبول ڪرڻ“ جون خوشخبريون به ملنديون رهنديون آهن، تعويذاتِ عطاريه حاصل ڪرڻ وارن کي ترغيب ڏياري هر مهيني مڪتبةُ المدينہ جا هزارين رسالا، VCDs,CDs تقسيم ڪيا ويندا آهن.ملڪ ۽ بيرونِ ملڪ پريشان حال اسلامي ڀائرن جي لاءِ ”غمخواري اجتماعات “ ڪيا ويندا آهن، جنهن ۾ صَلٰوةُ الحَاجَات، سنّتن ڀريا بيان ۽ اجتماعي دعا سان گڏوگڏ اِستخارو ،سائي (يرقان) جي مريضن جي لاءِ خصوصي علاج ۽ تمام مسائل جو تعويذاتِ عطاريه جي ذريعي علاج ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي ويندي آهي، انهن اجتماعن ۾ هزارين اسلامي ڀائر

www.dawateislami.net

شرڪت ڪندا آهن ۽ انهن مان ڪيئي هفتيوار اجتماع، مدني مذاڪرن جا پابند ۽ هتو هٿ مدني قافلن جا مسافر به بڻجي ويندا آهن. تعويذاتِ عطاريه جي طلب گار اسلامي ڀائرن کي ڪپي ته اهي پنهنجي شهر ۾ ٿيڻ واري هفتيوار سنّتن ڀري اجتماع ۽ هر هفتي اجتماعي طور ڏٺي ويندڙ مدني مذاڪري ۾ شرڪت فرمائن ۽ تعويذاتِ عطاريه جي بستي تان تعويذحاصل ڪن.

الله کرم ایسا کرے تجھ پہ جہاں میں
اے دعوتِ اسلامی تیری دُھوم مچی ہو!

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِیب! صَلَّی اللهُ تَعَالٰی عَلٰی مُحَمَّد

## بيان جو خلاصو

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! اڄ جي بيان ۾ اسان نشو ڏياريندڙ شين جي تباه ڪارين جي باري ۾ ٻڌو ته اِهي شيون ڪيتري قدر خطرناڪ آهن ۽ انسان کي ڪيتري قدر دِيني ۽ دُنياوي نُقصانن ۾ مبتلا ڪنديون آهن ✿ جيڪو شخص نشي جي آفت ۾ ڦاسي وڃي ٿو عام طور تي ان جي گهر جون خُوشيون ئي ختم ٿي وينديون آهن ✿ان جا ٻار پريشان رهندا آهن، ✿ ان جا والدين ۽ ان جي گهرواريءَ کي ان سان شڪايت رهندي آهي، ✿ ماڻهن جي دلين ۾ ان جي نفرت ويهي رهندي آهي، ✿ڪڏهن ڪڏهن نشي جو عادي، گار گند ۽ مار ڪُٽ جي ذريعي مسلمانن کي پنهنجي ذات کان تڪليف پهچائيندو آهي، ✿ طرح طرح جي خطرناڪ جسماني بيمارين جو شڪار ٿي ويندو آهي، ✿نشي جي ڪري اهو پنهنجو مال برباد ڪري ڇڏيندو آهي، ✿پنهنجي ئي هٿان پنهنجي پاڻ کي هلاڪت ۾ وجهڻ جو خطرو وٺندو آهي، ✿پنهنجي جان، مال ۽ وقت کي برباد ڪري الله عَزَّوَجَلَّ جي نعمتن جي ناقدري ڪندو آهي. تنهنڪري اسان مان هر هڪ کي گهرجي ته اهو پاڻ به ان موتمار مرض کان پري رهي ۽ ٻين کي به

www.dawateislami.net

اِن کان بچائي ۽ بدقسمتي سان جيڪي اِن مصيبت ۾ گرفتار ٿي چڪا آهن اهي جلد از جلد اِن کان ڇوٽڪاري جي ڪوشش ڪن، سچّي توبه ڪن، ان جو بهترين حل بُري صحبت کي ڇڏي چڱي ماحول سان وابسته ٿيڻ به آهي، تنهنڪري اوهان سيني اسلامي ڀائرن جي بارگاهه ۾ مدني التجا آهي ته پنهنجي دنيا ۽ آخرت جي بهتري جي لاءِ دعوتِ اسلامي جي مدني ماحول سان وابسته ٿي وڃو. الله عَزَّوَجَلَّ اسان کي عمل جي توفيق عطا فرمائي.

اٰمِين بِجَاه النَّبِي الْاَمِين صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم

صَلُّوا عَلَى الْحَبِيب ! صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلٰى محمَّد

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو ! بيان کي ختم ڪندي سنّت جي فضيلت ۽ ڪجھ سنّتون ۽ آداب بيان ڪرڻ جي سعادت حاصل ڪيان ٿو، تاجدار رسالت، شهنشاهِ نُبُوَّت، مصطفيٰ جانِ رحمت صَلَّي اللّٰهُ تَعَالٰي عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جو فرمان جنّت نشان آهي: جنهن منهنجي سنّت سان محبت ڪئي ان مون سان محبت ڪئي ۽ جنهن مون سان محبت ڪئي اهو جنّت ۾ مون سان گڏ هوندو. (1)

ان کی سُنّت کا جو آئینہ دار ہے     بس وُہی تو جہاں میں سمجھدار ہے

(وسائلِ بخشش، ص ۴۷۲)

صَلُّوا عَلَى الْحَبِيب !     صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

## سُرمو لڳائڻ جون سنتون ۽ آداب

اچو! شيخِ طريقت، اميرِ اَهلسنّت دَامَتْ بَرَكَاتُهُمُ الْعَالِيَه جي رسالي ''101 مَدَني گل'' مان سُرمو لڳائڻ جون سنتون ۽ آداب ٻڌون ٿا. فرمان مُصْطَفٰي صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم: ✿ ''سيني سرمن

1...مشكاة الصابيح، كتاب الايمان، باب الاعتصام بالكتاب والسنة، ۹۷/۱، حديث: ۱۷۵

www.dawateislami.net

مان بهتر سرمو ”اِثمِد“ آهي جو اهو نظر کي روشن ڪري ۽ پلڪون وڌائي ٿو“.[1] ❁پٿر جو سرمو استعمال ڪرڻ ۾ حرج ناهي ۽ ڪارو سرمو يا ڪجل زينت جي قصد (يعني زينت جي ارادي) سان مرد کي لڳائڻ مڪروهه آهي ۽ زينت جو ارادو نه هجي ته ڪراهت ناهي.[2] ❁سرمو سمهڻ مهل استعمال ڪرڻ سنّت آهي.[3] ❁ سرمي استعمال ڪرڻ جي ٽن منقول طريقن جو خلاصو پيش خدمت آهي: (1) ڪڏهن ٻنهي اکين ۾ ٽي ٽي سرائيون (2) ڪڏهن ساڄي اک ۾ ٽي ۽ کاٻي ۾ ٻه، (3) ته ڪڏهن ٻنهي اکين ۾ ٻه ٻه ۽ وري آخر ۾ هڪ سرائي کي سرمي واري ڪري ان کي واري واري سان ٻنهي اکين ۾ لڳايو.[4] اهڙي طرح ڪرڻ سان ان شآءَالله عَزَّ وَجَلَّ ٽنهي طريقن تي عمل ٿيندو رهندو. تعظيم جا جيترا به ڪم هوندا هئا اسان جا پيارا آقا صَلَّى الله تَعَالٰى عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم ساڄي پاسي کان شروع ڪندا هئا، تنهنڪري پهريان سرمو ساڄي اک ۾ پوءِ کاٻي اک ۾ پايو.

صَلُّوۡا عَلَی الۡحَبِیۡب! صَلَّی اللهُ تَعَالٰی عَلٰی مُحَمَّد

طرح طرح جون هزارين سنتون سکڻ جي لاءِ **مڪتبة المدينه** جي شايع ٿيل ڪتاب 312 صفحن تي مشتمل ڪتاب ”**بهار شريعت**“ حصو 16 ۽ 120 صفحن جو ڪتاب ”سنتيں ۽ آداب“ هديو ڏئي حاصل ڪيو ۽ پڙهو. سنتن جي تربيت جو هڪ بهترين ذريعو دعوت اسلامي جي مدني قافلن ۾ عاشقان رسول سان گڏ سنتن ڀريو سفر آهي.

سُنّتیں سیکھنے، تین دن کے لئے ہر مہینے چلیں ، قافلے میں چلو
(وسائلِ بخشش مرمم، ص۲۶۹-۲۷۰)

1...ابن ماجه، ۱۱۵/۴، حديث:۳۴۹۷
2...فتاوٰیہندية، ۳۵۹/۵
3...مرآةالمناجيح، ۱۸۰/۶
4...شُعَبُ الۡاِيمان ، ۲۱۸/۵-۲۱۹

# دعوتِ اسلامي جي هفتيوار سنتن ڀري

## اِجتِماع ۾ پڙهيا ويندڙ درود شريف

### ﴿1﴾ جمعه جي رات جو دُرُود

اَللّٰهُمَّ صَلِّ وَسَلِّمْ وَبَارِكْ عَلٰى سَيِّدِنَا مُحَمَّدِنِ النَّبِىِّ الْاُمِّىِّ

الْحَبِيْبِ الْعَالِى الْقَدْرِ الْعَظِيْمِ الْجَاهِ وَعَلٰى اٰلِهٖ وَصَحْبِهٖ وَسَلِّمْ

بزرگن فرمايو آهي تہ جيڪو شخص هر جمعرات (جمعي ۽ خميس جي وچين رات) هن دُرُود شريف کي پابندي سان گهٽ مان گهٽ هڪ ڀيرا پڙهندو موت جي وقت سرڪار مدينہ صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيهِ واٰلِهٖ وَسَلَّمَ جي زيارت ڪندو ۽ قبر ۾ داخل ٿيندي وقت اهو بہ ڏسندو تہ سرڪار مدينہ صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيهِ واٰلِهٖ وَسَلَّمَ ان کي پنهنجي هٿن سان قبر ۾ داخل ڪري رهيا آهن۔[1]

## (2) سمورا گُناه مُعاف

اَللّٰهُمَّ صَلِّ عَلٰى سَيِّدِنَا وَمَوْلَانَا مُحَمَّدٍ وَّعَلٰى اٰلِهٖ وَسَلِّمْ

حضرتِ سيدُنا انس رَضِیَ اللّٰهُ تَعَالٰی عَنْهُ کان روايت آهي تہ تاجدارِمدينہ صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيهِ واٰلِهٖ وَسَلَّمَ جن فرمايو :جيڪو شَخص اهو دُرُود شريف پڙهي جيڪڏهن بيٺل هو تہ ويهڻ کان پهريان ۽ ويٺل هو تہ بيهڻ کان پهريان، ان جا گناهہ معاف ڪيا ويندا.[2]

---

1...افضل الصلوات على سيد السادات، الصلاة السادسة والخمسون،ص151ملخصًا

2...افضل الصلوات على سيد السادات،الصلاة الحادية عشرة، ص 65

www.dawateislami.net

## (3)رَحمت جا ستر دروازا

صَلَّی اللّٰہُ عَلٰی مُحَمَّد

جيڪو اهو دُرُود شريف پڙهندو آهي ان تي رحمت جا ستر دروازا کوليا ويندا آهن.[1]

## (4)ڇهه لک دُرُود شريف جو ثواب

اَللّٰھُمَّ صَلِّ عَلٰی سَیِّدِنَا مُحَمَّدٍ عَدَدَ مَا فِیْ عِلْمِ اللّٰہِ صَلَاۃً دَآئِمَۃً بِدَوَامِ مُلْکِ اللّٰہ

حضرت اَحمدصاوِي عَلَیهِ رَحمَۃ اللّٰہِ الهَادِی ڪن بُزرگن کان نقل ڪن ٿا هن دُرُود شريف کي هڪ ڀيرو پڙهڻ سان ڇهه لک دُرُودشريف پڙهڻ جو ثواب حاصل ٿيندو آهي.[2]

## (5)قُربِ مُصطَفٰي صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَیهِ واٰلِہٖ وَسَلَّم

اَللّٰھُمَّ صَلِّ عَلٰی مُحَمَّدٍ کَمَا تُحِبُّ وَتَرْضٰی لَہٗ

هڪ ڏينهن هڪ شَخص آيو تہ حُضُورِ اَنور صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَیهِ واٰلِہٖ وَ سَلَّمَ ان کي پنهنجي ۽ صِدّيقِ اڪبر رَضِیَ اللّٰہُ تَعَالٰی عَنهُ جي وچ ۾ ويهاريو، انهي سبب صَحابَہ ڪرام رَضِیَ اللّٰہُ تَعَالٰی عَنهُم کي تَعَجُّب ٿيو تہ اهو مرتبي وارو شخص ڪير آهي جڏهن اهو هليو ويو تہ سرڪار مدينہ صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَیهِ واٰلِہٖ وَسَلَّمَ جن فرمايو: اهو جڏهن مون تي دُرُودِ پاڪ پڙهندو آهي تہ ائين پڙهندو آهي.[3]

---

[1] …القول البديع،الباب الثانی، ص277،

[2] …افضل الصلوات على سيد السادات،الصلاة الثانية والخمسون،ص149

[3] …القول البديع،الباب الاول،ص125

www.dawateislami.net

## (6) دُرُودِ شَفاعت

اَللّٰهُمَّ صَلِّ عَلٰى مُحَمَّدٍ وَّاَنْزِلْهُ الْمَقْعَدَ الْمُقَرَّبَ عِنْدَكَ يَوْمَ الْقِيَامَة

شافِعِ اُمَم صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جو فرمانِ مُعَظَّم آهي جيڪو شخص هن درود شريف کي پڙهي تہ ان جي لاءِ منهنجي شفاعت واجب ٿي ويندي آهي. [1]

### (1) هڪ هزار ڏينهن جون نيڪيون

جَزَى اللهُ عَنَّا مُحَمَّدًا مَّا هُوَ اَهْلُهٗ

حضرتِ سيدُنا ابنِ عباس رَضِىَ اللهُ تَعَالٰى عَنهُمَا کان رِوايت آهي تہ سرڪارِمدينہ صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جن فرمايو: انهي درود شريف کي پڙهڻ واري جي لاءِ ستر ملائڪ هڪ هزار ڏينهن تي نيڪيون لکندا آهن [2]

### (1) چڻ شب قدر حاصل ڪري ورتي-

فرمان مصطفيٰ صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ آهي جنهن هن دعا کي 3 ڀيرا پڙهيو تہ ان چڻ شب قدر حاصل ڪري ورتي. [3]

لَآ اِلٰهَ اِلَّا اللهُ الْحَلِيْمُ الْكَرِيْمُ ، سُبْحٰنَ اللهِ رَبِّ السَّمٰوٰتِ السَّبْعِ وَرَبِّ الْعَرْشِ الْعَظِيْم

(خداءِ حليم ۽ ڪريم کان سواءِ ڪو بہ عبادت جي لائق ناهي الله عَزَّوَجَلَّ پاڪ آهي جيڪو ستن آسمانن ۽ عرشِ عظيم جو پروردگار آهي)

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

---

[1] … الترغيب والترهيب،كتاب الذكر و الدعاء،۲/۳۲۹،حديث:۳۰

[2] … مجمع الزوائد،كتاب الادعية،باب فى كيفية الصلاة…الخ،254/10،حديث:17305

[3] … تاريخ ابنِ عساكر،۱۹/۱۵۵،حديث:۴۴۱۵

www.dawateislami.net